# ابتدائي سلوڪ

## (نقشبندي)


ازقلم:

رهبر رباني قبله گاهه روحاني

**حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي**

(قدس الله سره)


ترجمو ۽ مهاڳ

**خاڪسار علي نواز حاجن خان جتوئي**

نقشبندي - مجددي - مصطفائي


ڇپائيندڙ

**سيد قمر الزمان شاه**

بنگلا نمبر ٣٣٣ / سي يونٽ نمبر ٢ لطيف آباد حيدرآباد

هديه: دعاءِ خير

حضور قبلہ گاھہ (قدس سره) جن جي ھن
نندڙي رسالي کي
نهايت عقيدتمنديءَ سان سندن قائم مقام فرزند ارجمند
قبلہ حضرت محمد عبدالله جان سرھندي عرف
حضرت **شاه آغا** جن جي اسم گرامي
ڏانھن منسوب ڪريان ٿو.

ع-ح-ج

# پيش لفظ

هيءَ ضخامت ۾ ننڍڙو پر معنيٰ ۾ تمام وڏو ڪتاب حضرت قبله خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه جن ابتدائي سلوڪ جي باري ۾، فارسي زبان ۾ تحرير فرمايو هو. مذڪوره ڪتابڙي ۾ اول اهو ڄاڻايو ويو آهي ته هڪ رهبر يعني مرشد ۾ ڪهڙيون خوبيون ۽ صفتون هئڻ گهرجن، ۽ پيو ته سالڪ تي ڪهڙيون ذميداريون عائد ٿينديون آهن ۽ انهيءَ ڪان سواءِ ڪيئن ذڪر اذڪار، الله ۽ رسول ﷺ جي اطاعت ۽ مدارج طي ڪرڻ جا طريقا، نهايت سهڻي ۽ دل نشين نموني سان سمجهايا ويا آهن.

محترم علي نواز حاجن خان جتوئي صاحب هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، وڏي ديني خدمت انجام ڏني آهي، ۽ پڻ پنهنجي مهاڳ ۾ سرهندي بزرگن جي حسب نسب ۽ انهن جي ديني خدمتن جو جامع جائزو ورتو آهي.

انهيءَ گاديءَ جي موجوده سجاده نشين طيب روحاني و جسماني حضرت پير عبدالحميد جان سرهندي مدظله العاليٰ صوم و صلواة جا پابند، عبادت و رياضت و مجاهدات ۾ يڪتا، عاجزي و انڪساري ۽ خُلق و مروت ۾ بي مثال، علم و فضل ۾ ممتاز ۽ عشق رسول ﷺ ۾ مستغرق آهن. سائين جن جي ذات گرامي اسان سڀني لاءِ وڏي نعمت خداوندي آهي، جنهن سان سڀئي مريد ۽ معتقد ۽ ٻيا انسان يڪسان طور تي فيضياب ٿي رهيا آهن.

انهيءَ کان سواءِ سندن فرزند ارجمند صاحبزاده پير عبدالوحيد جان سرهندي دامت برڪاتهم جن هن ننڍڙي وهي يعني صرف ويهن سالن جي عمر ۾ زهد و تقويٰ، قرآن، حديث، فقه، منطق، فلسفه ۽ علوم ظاهري و باطني ۾ جيڪو ڪمال حاصل ڪيو آهي، اهو آءٌ سمجهان ٿو ته حضرت قبله پير حسن جان رحمة الله عليه جن ڪان پوءِ علم و فضل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ نظر اچن ٿا، ۽ اهو سندن قبله والد ماجد جي تربيت ۽ سندن وڏن بزرگن جو ئي فيضان آهي.

الله تعاليٰ مٿين پنهي بزرگن جو سايو اسان تي هميشه دائم ۽ قائم رکي ۽ ڪين وڏي ڄمار عنايت ڪري:

اين دعا از من و از جمله جهان آمين باد!

هتي هي ڳالهه بيان ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته آءٌ هينئر جو ڪجهه آهيان، سو پنهنجن انهن مرشد سڳورن جي نظر ڪرم جو ئي نتيجو آهي؛ ورنه آءٌ ته هڪ ذره ناچيز آهيان. مون گنهگار کي ذڪر رسول اڪرم ﷺ جي جيڪا ڏيوني ۽ محبت منهنجي مرشد سڳورن جي توسط سان نصيب ٿي آهي؛ شل خداوند قدوس مون کي انهيءَ تي گامزن رکي؛ ۽ منهنجي آل ۽ اولاد کي به انهيءَ مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ قائم ۽ دائم رکڻ جي توفيق بخشي – آمين!

خادم الفقراء

**سيد قمرالزمان شاه**

١٧– رمضان المبارڪ سنه ١٤٠٦ هجري

# مهاڳ

ٽنڊي محمد خان لڳ ٽنڊي سائينداد ۾ سرهنديبزرگن جي درگاه آهي، جا پاڪستان ۽ ان کان ٻاهر شريعت خواه طريقت جي لحاظ کان مشهور آهي. انهيءَ درگاه پاڪ جو انهيءَ گهوڙي ۾ قيام، قبلهگاهم روحاني، رهبر رباني، حضرت خواجه محمد حسن جان قدس سره العزيز جن جي اياڪاريءَ ۾ سنه ١٣١٦ھ ۾ ٿيو.

حضرت قبلهگاهم قدس سره جن جي ولادت باسعادت تاريخ ٦- شوال سنه ١٢٧٨ھ ۾ قندار ۾ ٿي، جو جهونو شهر افغانستان ۾ آهي ۽ ڪوئيٽا کي ويجهو آهي. سندن ظاهري خواه باطني تربيت ۽ تعليم سندن والد ماجد حضرت خواجه حاجي عبدالرحمان جان قدس سره جن کان ٿي، جي پنهنجي وقت جا جليل القدر ولي الله ٿي گذريا آهن. حضرت جن جو حسب نسب حضرت امام رباني شيخ احمد فاروق، مجدد الف ثاني سرهندي (رحه) جن سان ٻارهن واسطن سان ملي ٿو، جي وري ٻٽيهن واسطن سان حضرت اميرالمومنين سيدنا حضرت عمر فاروق رضي الله تعالى عنه جن جا اولاد آهن.

حضرت خواجه عبدالرحمٰن رحه جن، افغانستان جي والي امير عبدالرحمٰن جي وقت ۾ قندار کان لڏي سنڌ ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڳوٺ تعلقي ۾ ٽکڙ ڳوٺ ۾ اچي رهيا، جتان پوءِ قبله گاهم قدس سره جن لڏي اچي ٽنڊي سائينداد ۾ سڪونت پذير ٿيا. سندن عمر مبارڪ ۸۷ سال هئي، جنهن عرصي ۾ پنج حج ڪيائون، ڪي مسجدون ۽ مدرسا قائم ڪيائون ۽ اٽڪل ويهارو ڪن ڪتاب ۽ ننڍا رسالا تصنيف ڪيائون. هيءُ ننڍو رسالو اصل ۾ فارسي زبان ۾ لکيل آهي، جنهن جو هڪ نقل مرحوم رئيس ڏني بخش خان جتوئي جي استدعا تي حضرت قبله گاهم جن کيس ڏياري موڪليو هو. اهو اڄ تائين عزيزم مشفقم رئيس شمس الدين خان جتوئي وٽ موجود آهي. هن خاڪسار اتان نقل ڪري سنڌي زبان ۾ ترجمي هيٺ آندو آهي.

ايشيا کنڊ ۾ تصوف جا چار وڏا سلسلا موجود آهن: سهروردي، چشتي، قادري ۽ نقشبندي. هر سلسلي مان ڪئين شاخون ڦٽي نڪتيون آهن ۽ انهن شاخن مان وري ڪئين ٽاريون ڦٽي نڪتيون آهن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سلوڪ جا سوين ڳونچ اُڀري آيا آهن جن ۾ ٿورو گهڻو تفاوت موجود آهي. اهي تفاوت وقتن ۽ طبيعتن جي تقاضائن جو نتيجو آهن جي الهامن جي ذريعي جليل القدر بزرگن جي قلب تي واردات طور رونما ٿيا آهن.

نقشبندي طريقو حضرت بهاؤالدين نقشبند قدس سره

جن جي ذات گراميءَ کان شروع ٿئي ٿو. ڪاٿئن اڳ اِهو طريقو ”طريقہ خواجگان“ جي نالي سان مشهور هو ۽ ان جي ابتدا ۾ زباني ذڪر شامل هو. حضرت شاه نقشبند (رحمة الله عليه) جن الهام جي بناءَ تي زباني ذڪر کي بلڪل بند ڪري ڇڏيو ۽ سلوڪ جي ابتدا ”لا إلہ إلا اللہ“ جي ڳجهي ذڪر سان ڪرائي. ”حبس دم“ يعني ساهہ کي روڪڻ سان ذڪر ڪرڻ ۾ ڪاٿئن شروع ٿيو جو حضرت خضر عليه السلام کان کين حاصل ٿيو.

حضرت امام محمد غزالي (رحمة الله عليه)، جو حضرت شيخ ابو علي فارمدي طوسي (رحمة الله عليه) جو مريد هو، تنهن ذڪر جا چار مرتبا ڏسيا آهن، جن مان ٽن کي ذڪر جو ڇلڪو ۽ چوٿين کي ذڪر جو مغز سڏيو اٿس. هتي هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت شيخ فارمدي طوسي رحہ سلسلہ خواجگان جي رئيس حضرت خواجہ ابو يعقوب يوسف همداني رحہ جو مرشد هو. حضرت امام غزالي رحہ جي لکيت موجب ذڪر جو پهريون ڇلڪو زباني ذڪر آهي، جنهن ۾ زبان تہ ذڪر ڪري مگر دل غافل هجي. هن ذڪر مان ڪو خاص فائدو ڪونهي، سواءِ انهيءَ جي تہ زبان بڪ بڪ کان ڍلهي رهي ٿي. اٿين ٿي سگهي ٿو تہ زبان جي ذڪر کان دل متاثر ٿي ذڪر ڏانهن متوجهہ ٿئي. ذڪر جو ٻيو ڇلڪو دل جو ڳجهو ذڪر آهي جنهن ۾ دل کي زور

ڪري ذڪر سان رنڀائيو پوي ٿو. ذڪر جي اصلي انتدا اِها آهي. ذڪر جو ٻيون ڇلڪو دل جو ذڪر سان دائمي مشغول هجڻ آهي، ايتري قدر جو دل کي زبردستي ڪري روڪجي ته به نه رُڪي. مبارڪ آهي اهو سالڪ جنهن کي اِها حالت حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ هوندي به اهو ذڪر جو ڇلڪو آهي ۽ نه مغز. انهيءَ حالت کان پوءِ اصل مغز حاصل ٿئي ٿو، جنهن ۾ ذڪر بند ٿي وڃي ٿو ۽ مذڪور يعني الله تعاليٰ جي ذات بندي جي ياد ۾ سندس ٻالي وٺي ڪان سواءِ ويهي وڃي ٿي. امام غزالي رحه جي چوڻ موجب ولايت جي ابتدا اِتان ٿئي ٿي. ڪن بزرگن جي چوڻ موجب جڏهن الله تعاليٰ جو اسم مبارڪ دائمي جاري هجڻ جي صورت اختيار ڪري ٿو، تڏهن به ذاڪر جو نالو اوليائن جي دفتر ۾ داخل ٿئي ٿو، جو ته ان وقت ذاڪر هڪ لحظي لاءِ به رب تعاليٰ کان غافل نٿو رهي.

نقشبنديءَ جي سلسلي ۾ حضرت شاهه نقشبند رحه کان اڳ جيڪي بزرگ هئا، تن جو زور انهيءَ ڳالهه تي هو ته سالڪ ذڪر ۾ ايتري محنت ڪري جو اهو ٻانمرادو جاري رهي، پوءِ آن ۾ اسم رهي يا نه رهي. ٻالي ٻنان ياد بهتر آهي انهيءَ کان ته ٻالي سان رهي، جو ته آها مراقبي جي صورت تي پوي ٿي. نقشبندي سلسلي جي سيني سلوڪن جو مول مقصد آهي ”ياد داشت“

جي نسبت حاصل ڪرڻ، يعني الله تعاليٰ جي ياد ناغي بنان قائم ٿي وڃي.

مٿي ٻڌايو ويو آهي ته حضرت شاه نقشبند رحمة الله عليه جن سلوڪ جي ابتدا ”لا اِلٰه اِلا الله“ جي ذڪر سان ڪئي ۽ ”الله الله“ جي ذڪر کي بعد ۾ رکيو. مگر حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جن سلوڪ جي ابتدا ”الله الله“ جي ذڪر سان ڪئي ۽ ”لا اِلٰه اِلا الله“ جي ذڪر کي بعد ۾ رکيو. بزرگن جو چوڻ آهي ته ”الله الله“ جي ذڪر سان سالڪ ۾ ”جذب“ جلد پيدا ٿئي ٿو ۽ ”لا اِلٰه اِلا الله“ جي ذڪر سان ”سلوڪ“ جلد طيءِ ٿئي ٿو. پهرئين ڍنگ موجب ذاڪر ”مجذوب سالڪ“ ٿئي ٿو ۽ ٻئي موجب ذاڪر ”سالڪ مجذوب“ ٿئي ٿو.

سالڪ جيستائين ”جذب“ حاصل نه ٿو ڪري تيستائين ولي الله نٿو ٿئي؛ پوءِ اهو منڍ ۾ حاصل ڪري يا پوءِ. منڍ ۾ حاصل ڪيائين ته ”مجذوب سالڪ“ سڏبو ۽ پوءِ حاصل ڪيائين ته ”سالڪ مجذوب“ سڏبو.

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ”سلوڪ“ ذاڪر جي ڪوشش سان طيءِ ٿئي ٿو، مگر ”جذب“ الله تعاليٰ جي محض فضل سان حاصل ٿئي ٿو؛ ان ۾ ذاڪر جي ڪوشش کي ڪو به دخل ڪونهي.

حضرت شاه نقشبند رحمة الله عليه جي سلوڪ موجب گهڻو ذڪر محض دل ۾ ڪرڻو آهي، مگر حضرت مجدد

الف ثاني رحمة الله عليہ جي سلوڪ موجب گهڻو ذڪر سيني جي مختلف هنڌن تي ڪرڻو پوي ٿو جن کي لطيفن جو هنڌ (مقام) چيو وڃي ٿو، جن جو هن ڪتابڙي ۾ بہ بيان آهي. حضرت خواجہ محمد معصوم رحمة الله عليه جن پنهنجي وقت ۾ وري صرف دل واري گهڻي ذڪر تي اڪتفا ڪئي، جنهن سان سمورا لطفا بہ بيدار ٿي پئي ويا. لطيفن جي مختلف هنڌن تي ذڪر ڪرڻ سان اهي لطفا بيدار ٿين ٿا. مقصد لطيفن کي بيدار ڪرڻو آهي، تفصيل سان يا اجمال سان.

لطيفا جڏهن ذڪر ڪرڻ سان بيدار ٿين ٿا تڏهن مختلف رنگن جون تجليون ذاڪر کي نظر اچڻ ٿيون. حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جي خلفاء جي تحريرن موجب قلبي لطيفي جو رنگ پيلو، روحيءَ جو ڳاڙهو، سريءَ جو اڇو، خفيءَ جو ڪارو ۽ اخفيٰ جو سائو آهي؛ مگر حضرت قبلہ گاهم رحمة الله جن جي تحرير موجب قلبي لطيفي جو رنگ اڇو، روحي جو پيلو ۽ سريءَ جو ڳاڙهو ڄاڻايل آهي. انهيءَ باري ۾ حضرت حافظ محمد هاشم جان جن کان (جي قبلہ گاهم قدس سره جن جا ٽيون نمبر فرزند آهن) معلوم ٿيو تہ اصل مقصد لطيفن جو بيدار ٿيڻ آهي ۽ تجلين جي رنگن جو اختلاف ڪا اهميت نٿو رکي.

نقشبندي سلسلي موجب الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻ جا ٽي طريقا آهن: هڪ ذڪر، ٻيو مراقبو ۽ ٽيون رابطو.

ذڪر جڏهن ملڪو ٿي پوي ٿو تڏهن ”ياد داشت“ ٿيو پوي ۽ سالڪ واصل بالله ٿي پوي ٿو. سالڪ ان وقت رضا ۽ تسليم ۾ راسخ ٿئي ٿو. پر جي نہ ٿيو تہ پوءِ ذڪر محض ”حديث نفس“ آهي يعني ذڪر ڪرڻ نفس جو شغل آهي؛ مگر فنا نہ ٿيو آهي. نفس جو پنهنجي ارادي کان دستبردار ٿي وڃڻ ۽ الله تعاليٰ جي ارادي اڳيان جهڪڻ سندس فنا ٿيڻ جي نشاني آهي. جڏهن ذڪر ملڪو ٿي پوي ٿو تڏهن قلبي لطيفو فنا ٿي بقا حاصل ڪري ٿو ۽ پوءِ ان جو رنگ نفس جي لطيفي ٿي چڙهي ٿو. قلبي لطيفي جو رنگ جڏهن پورو پورو نفس جي لطيفي تي چڙهي ٿو تڏهن هو فنا ڪائي بقا حاصل ڪري ٿو. جيستائين اهو رنگ پورو نہ چڙهندو تيستائين نفس جي سرڪشي ۽ امارگي ختم نہ ٿيندي. نفس جي فنائيت جي نشاني اها آهي تہ الاهي ارادي ۾ سندس ارادو فنا هجي، ان ۾ بلڪل راضي رهي ۽ الاهي اخلاق منجهس ظاهر ٿين. هو وجداني طور محسوس ڪري تہ پاڻ فاني آهي ۽ الله تعاليٰ جي ڪري باقي آهي. اهڙيءَ طرح سان هو اهو بہ وجداني طور (نہ عقلي طور) محسوس ڪري تہ ڪل ڪائنات عدم محض آهي؛ يعني از خود فاني آهي مگر از خدا باقي آهي. نفس جي اها ڪيفيت دائمي هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪيفيت ۾ سالڪ رب تعاليٰ جو مشاهدو ماڻي ٿو، ڇاڪاڻ خدا کي ڏسي ٿو. توحيد

اِتي اچي صحيح معنيٰ ۾ درست ٿئي ٿي ۽ خفي شرڪ ختم ٿئي ٿو.

الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻ جو ٻيو طريقو ’مراقبو‘ آهي. رب تعاليٰ ڏانهن پنهنجي اندر ۾ توجهه يا ڌيان ڪرڻ انهيءَ کي ’مراقبو‘ سڏبو آهي. سالڪ پنهنجي اندر ۾ رب تعاليٰ کي ائين ياد ڪري جو ان ۾ ذڪر يعني ”الله الله“ ڪرڻ نه هجي، انهيءَ کي به ”مراقبو“ سڏبو آهي. مراقبي ۾ الله تعاليٰ جي ذات پاڪ ڏانهن ڌيان ڏرجي ٿو ۽ نه اُن جي اسم پاڪ ڏانهن. اِها حالت ٻن ٽن طريقن سان حاصل ٿئي ٿي. هڪ ته ذڪر ملڪو ٿي وڃي ۽ ان بعد الله جو اسم بند ٿي وڃي ۽ ان جي جڳهه الله تعاليٰ جي ذات وٺي؛ ٻيو طريقو هيءُ آهي ته سالڪ هڪ مٿو ٿي پنهنجي قلب ۾ يا اندر ۾ ائين متوجهه ٿئي جڻ ته الله تعاليٰ سندس ڌيان اڳيان آهي ۽ آءُ الله تعاليٰ ايترو اوڏو آهي جو وار به ويڇو ڪونهي. انهيءَ حالت ۾ ويهڻ وقت غير خدا جو خيال دل ۾ داخل نه ٿئي. اِها حالت جڏهن پڪي ۽ دائمي ٿي ويندي تڏهن نفس ”فنا في الله“ ٿي ويندو ۽ بعد ۾ ”بقا با الله“ حاصل ڪندو. مطلب ته نفس جنهن جي خيال ۾ ٻڏندو تنهن ۾ فنا ڪائي بقا پائيندو. مراقبي جي ذريعي سالڪ جلد الله تعاليٰ سان واصل ٿئي ٿو.

”واصل بالله“ ٿيڻ جو ٽيون طريقو رابطو آهي. جڏهن سالڪ ڪنهن ولي الله سان يا نبي الله جن سان دلي يا

آهي سڀ تفصيلي آهن. جن جو اجمال اٿين آهي جيئن مٿي ڏسيو ويو آهي. بزرگن ڪان اٿين معلوم ٿيو آهي، وڌيڪ الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو.

حضرت قبلہ گاهہ قدس سره جن سلوڪ کي شروع ڪرڻ کان اڳ ڪن ڳالهين کي تمام ضروري سمجهيو آهي، آهي هي آهن:

(١) نيت کي خالص ڪرڻ،
(٢) ڪامل مرشد کي ڳولي لهڻ، ۽ ان جو پورو پورو ادب بجا آڻڻ ۽ ساڻس رابطو رکڻ،
(٣) شريعت جو اتباع ڪرڻ ۽ بدعت ڪان بچڻ،
(۴) پاڻ پائڻ ڪان بلڪل بچڻ ۽ آجو ٿيڻ،
(٥) رب جي رضا ۽ تسليم ۾ پورو پڪو ٿيڻ.

اميد ته حضرت قبلہ گاهہ قدس سره جن جي هيءَ تحرير سندن طالبن کي طريقت جي پُر دهشت درياءَ مان تاري حقيقت جي هنڌ تي پهچڻ ۾ مدد ڪندي جتي رڳو معرفت جا ميوا ئي ميوا ملن ٿا ۽ آهو به ملي ٿو جنهن کي نه ڪنهن اک ڏٺو آهي ۽ نه ڪنهن ڪن ٻڌو آهي، ۽ نه وري وهم ۽ گمان ۾ اچي سگهي ٿو. اهو سڀڪجهہ الله تعاليٰ جي فضل سان ملي ٿو. انسان جو عمدو عمل به سندس فضل جو نتيجو آهي. اي الله، اسان هر حال ۾ تو ڪان تنهنجو فضل پنون ٿا.

الله جيئن نالو، پاڄهه به اوڏيائي مڱان
ري ٿيئن ري ٿوٺين، تون ڇپر تون ڇانءُ
ڪجاڙو ڪهانءُ؟ مڙيوئي معلوم تو کي.

اوليائن جي پيرن جي
پٽيءَ کان به پست تر
خاڪسار
علي نواز جتوئي

# ابتدائي سلوڪ

الحمد لله والسلام على عباده الذين اصطفى. اما بعد، حقائق آگاه، معارف پناه، خليفي ميان جان خان شڪارپوري، جو جناب حضرت قبلہ گاهہ مبرور مغفور قدس سره (حضرت خواجہ عبدالرحمان رح) جي مخلص مريدن مان آهي، هڪ دفعي هن فقير سان ملاقات ۾ ابتدائي سلوڪ جي قاعدن لکڻ بابت استدعا ڪئي. اگرچ هيءَ عاجز پاڻ ۾ اهڙي ڪم جي لياقت نٿو ڏسي، تڏهن بہ سندس خاطرداري جو لحاظ رکيم؛ هن اميد سان تہ جيڪڏهن هن ستن جي مطالعي سان ڪنهن کي مضمون وڻي تہ محمد حسن مجددي کي سٺي خاتمي جي دعا سان ياد ۾ شاد فرمائي.

نقشبندي طريقي جي سلوڪ کي شروع ڪرڻ کان اڳ جيڪي شرط ضروري آهن تن کي تحرير هيٺ آڻجي ٿو ان لاءِ تہ سالڪ آمڙ جي بصيرت وارو ٿئي. اول اول نظم ٿيل پاڪ شجري کي برڪت طور بيان ڪريان ٿو:

احمد و صديق و سلمان و قاسم و جعفر است
بايزيد و بوالحسن زو بوعلي تاجِ سر است

يوسف است و عجدواني عارف و محمود
و هم از علي رامیتني سماس شمش خاور است
سید میر ڪلال است و بهاءالدين ولي
خواجه يعقوب و عبيدالله بفضل داور است
زاهد و درويش خواجه امڪنہ باقي بحق
احمد و معصوم گنج و صبغة الله گوهر است
از امام العارفين معصوم ثاني شد پديد
شد غلام محمد چو لعل و شه صفي چون گوهر است
هست فضل الله منوّر از شعاع نوّر او
حضرت شيخ عبد قيوم آفتابِ انور است
شد ختامِ اوليا غوثِ زمان قيومِ وقت
حضرت شه عبدالرحمٰن همچو در ازهر است
ورد کن اسماي ايشان را و مي خوان هر زمان
تا بفضل حق ترا اسماي ايشان ياور است.

ان کان پوءِ آءٌ چوان ٿو تہ جڏهن طالب کي نقشبندي طريقي جو شوق جاڳي تہ اول هيءُ خالص نيت کري مولا پاڪ جي محبت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ خيال دنيوي متاع خواه اخروي نعمت جو دل ۾ نہ رکندس.

ان کان پوءِ اهڙي پير جي طلب ڪري جنهن جو ظاهر شريعت سان ۽ باطن معرفت جي انوارن سان سينگاريل هجي. هن معاملي ۾ گهڻي تحقيق ۽ بيحد ڪوشش کان

ڪم وٺي، خصوصاً هن فتني واري زماني ۾ جڏهن گهڻا انساني شيطان نيڪن جي لباس ۾ پاڻ کي لڪايو ويٺا آهن.

چون بسي ابليس آدم روء است
پس بهر دستي نبايد داد دست

(ڇاڪاڻ ته گهڻا ابليس آدم جي شڪل ۾ آهن، تنهنڪري هر هٿ ۾ هٿ نه ڏجي، يعني بيعت نه ڪجي).

جڏهن ڪنهن کي مٿين صفت وارو پير نظر اچي يعني سندس ظاهر شريعت سان ۽ باطن معرفت جي انوارن سان سينگاريل هجي تڏهن سندس صحبت کي پارس سمجهي ۽ سندس سياڳي وجود کي ابدي سعادت سندو سرمايو سمجهي ۽ شرعي استخاري ڪرڻ کان پوء سچي نيت سان سندس حضور پُرنُور ۾ حاضر ٿي، طريقت جي تلقين حاصل ڪري ۽ بيحد ادب سان ذڪر سان مشغول ٿئي. ازانسواء روبرو توڙي پرپٺ پير جي ادب جو لحاظ رکي؛ سندس ڪنهن به ڪم تي قلبي توڙي زباني اعتراض نه ڪري؛ سندس طرف پٺ يا پاسو نه ڦيري؛ نه وري ماني کائي يا پاڻي پيئي. سندس گلم، چادر، مصلي يا هنڌ وغيره تي پير نه رکي. پاڻ کي سڄو سارو سندس سپرد ڪري ۽ مولیٰ پاڪ جي محبت ۽ معرفت حاصل ڪرڻ جو وڏو وسيلو سمجهي. سندس دل ۾ جيڪي به ارادا ۽ وسوسا پيدا ٿين تن کي پير کان ڳجهو نه رکي. مطلب ته هر حال ۾ حتي الامڪان پير جو ادب ڪري

چو تہ طريقت جي فائدن جو دارومدار انھيءَ ڳالھ تي آھي:

ادب تاج است از لطفِ الاھي
بنھ برسر برو ھرجا کہ خواھي.

ترجمون: ادب الاھي لطف جو ڇٽ آھي، آن کي مٿي تي رک پوءِ جيڏانھن وڻيئي تيڏانھن وڃ يعني ڪو بہ ڊپ نہ ڪر.

از خدا خواھيم توفيقِ ادب
بي ادب محروم ماند از لطفِ رب.

ترجمون: اسان الله تعالى کان ادب جي توفيق پنون ٿا چو تہ بي ادب رب تعاليٰ جي لطف کان محروم رھي ٿو.

ازانسواءِ بدعت وارن ۽ بيدين ماڻھن وغيره جي صحبت کان پري رھي چو تہ سندن صحبت قاتل زھر آھي.

نخست موعظتِ پير ميءِ فروش اين است
کہ از مصاحبِ ناجنس احتراز کنيد

ترجمون: شراب وڪڻندڙ پير جي پھرين نصيحت ھيءَ آھي تہ غير جنس جي صحبت کان پري رھو.

ازانسواءِ محمدي شريعت جي، پيئڻ، پھرڻ، کائڻ، ڪمائڻ يعني روزمره جي زندگيءَ ۾ تابعداري ڪري؛ امر ڪيل حڪمن کي بجا آڻي ۽ منع ڪيل ڪمن کان بچي؛ زماني جي انھن رسمن کي، جيڪي شريعت جي خلاف آھن، تن کي ترڪ ڪري؛ شريعت پاڪ کي رب تعاليٰ

وٽان تاراري سمجهي ان ۾ پنهنجن سيني ڪمن ۽ عملن کي توري ۽ تڪي؛ جيڪڏهن برابر ڏسي ته نعمت سمجهي نه ته ان کان باز اچي؛ طريقت کي شريعت جو خادم سمجهي.

محال است سعدي که راهِ صفا
توان يافت جز در پي مصطفیٰ

ترجمو: اي سعدي، اِهو محال آهي ته صاف سٺري راه مصطفیٰ ﷺ جن جي پيروي کان سواءِ هٿ اچي.

ازانسواءِ پاڻ پاڻهِ، خود پسندي ۽ تڪبر کي پاڻ کان بلڪل پري رکي ڇو ته ڪنهن بندي، خود بينيءَ سان، ڪڏهن به خدا تعاليٰ جي وصال جو شرف حاصل نه ڪيو؛ ڪبريائي ۽ وڏائيءَ کي خاص پنهنجي مالڪ جي حوالي ڪري ۽ انهيءَ صفت ۾ پاڻ کي ساڻس شريڪ نه ڪري. حديث قدسي ۾ آيل آهي ته "الڪبرياء ردائي والعظمة ازاري فمن نازعني واحداً منهما ادخلته النار"

يعني ڪبريائي منهنجي چادر آهي ۽ عظمت منهنجي گوڏ آهي، پوءِ جنهن به انهن ۾ مون سان مقابلو ڪيو ته ان کي باهه (دوزخ) ۾ داخل ڪندس. تنهنڪري سالڪ کي کپي ته عاجزي، انڪساري، نهٺائي ۽ نماڻائي کي پنهنجو پيشو بنائي ۽ يقين جي اک سان پاڻ کي بندو ڏسي ۽ پاڻهپ ڪري، ڏکن تي صبر ڪري ۽ سکن تي شڪر

ڪري. ازانسواءِ پنهنجي سيني کان طمع قطع ڪري، ايتري قدر جو پنهنجي پٽ ۾ به اميد نه رکي؛ نفعي ۽ نقصان کي پنهنجي مولىٰ پاڪ کان فيصلو سمجهي ان تي راضي رهي (ڇو ته سندس فيصلي ۾ ڪو به ظلم ڪونهي بلڪ بندي جي ڀلائي رکيل آهي).

ازانسواءِ روحاني تنگي (قبض) جي حالت ۾ دل تنگ ۽ مايوس نه ٿئي ۽ روحاني ڪشادگي (بسط) ۾ خوشنود ۽ مغرور نه ٿئي، ڇو ته اهي ٻئي صفتون هر سالڪ تي ظاهر ٿينديون آهن.

ازانسواءِ ساداتن سڀني ۽ عالمن جي، شريعت جي موافقت موجب طريقت جي شرطن منجهان سمجهي، عزت ڪري ڇو ته ”يار“ انهن کي چاهي ٿو ۽ لاڙو به انهن ڏانهن ڪري ٿو.

هنن شرطن جو تفصيل ته وڏو آهي مگر رمز طور جيڪي ضروري سمجهيو ويو سو بيان ڪيو ويو. هاڻي مقصدن جو بيان ڪجي ٿو:

الله تعالىٰ توکي ٻنهي جهانن ۾ بخت وارو بنائي، سو سمجهه ته هن طريقي جي بزرگن پنهنجن ڪتابن ۽ رسالن ۾ هيئن لکيو آهي ته انسان ڏهن لطيفن جو مرڪب آهي جن مان پنج عالم امر يعني روحاني جهان جا آهن ۽ پنج عالم خلق يعني ظاهري جهان جا آهن. عالم امر جا جيڪي پنج آهن سي هي آهن: قلب، روح، سر،

خفي ۽ اخفيٰ. باقي پنج جيڪي عالم خلق جا آهن، سي هي آهن: خاڪ (مٽي)، باد (هوا)، آب (پاڻي)، آتش (باهه) ۽ نفس ناطق (ڳالهائيندڙ عاقل نفس). انهن مان پهريان چار ”عناصر“ سڏجن ٿا.

نقشبندي طريقي ۾ سلوڪ جي شروعات، عالم امر جي لطائفن کان ڪجي ٿي. ان ڪري لکيو اٿن ته ٻين طريقن جي انتها اسان جي ابتدا ۾ درج ٿيل آهي ڇو ته ٻين طريقن ۾ سلوڪ جي ابتدا، عالم خلق جي لطيفن کان شروع ٿئي ٿي ۽ نفس کي پاڪ (مزڪيٰ) ڪرڻ لاءِ وڏيون ۽ ڳريون رياضتون ڪيون وڃن ٿيون ۽ ان کان پوءِ عالم امر جي لطيفن سان مشغول ٿجي ٿو؛ مگر نقشبندي طريقي ۾ الله تعاليٰ جي عنايت سان عالم امر کان شروعات ڪجي ٿي ۽ عالم خلق جا لطيفا خود بخود ان جي ضمن ۾ طيءِ ٿين ٿا جنهنڪري وڏيون ڳوريون رياضتون ڪرڻيون ڪونه ٿيون پون.

هن خلاصي جو تفصيل هن طرح آهي ته جڏهن مريد پير جي بيعت ڪري ٿو تڏهن اول کيس قلبي ذڪر ڪرڻ جي تلقين ٿئي ٿي جنهن سان هو مشغول رهي ٿو، اهو هن طرح سان ته ڳوڏا ڪوڙي قبلي ڏانهن رخ ڪري ويهي ۽ ٻئي اکيون بند ڪري، زبان تارونءَ سان ملائي، قلب (دل) ۾ جيڪو کٻي ٻڪي هيٺان آهي، ”الله الله“ ڌيان ۽ خيال سان چوندو رهي ۽ دل مان

پيا خيال خطرا ۽ وسوسا پري ڪري، پوري همت سان ذڪر ۾ مشغول ٿئي. انهيءَ قلبي ذڪر لاءِ تعداد مقرر ٿيل ناهي، جيتري گهڻي ڪوشش ڪبي اوترو جلد ان جي فنا حاصل ٿيندي. انهيءَ لطيفي جو نور اڇو آهي ۽ حضرت آدم صفي الله جي قدم يعني رتبي هيٺان آهي. آهو سالڪ جيڪو انهيءَ راهه سان واصل ٿئي ٿو تنهن کي ”آدمي المشرب“ چوندا آهن. انهيءَ ذڪر ۾ ايتري ته گهڻي ڪوشش ڪجي جو ذڪر قلب جو ملڪو (هميشه هلندڙ) ٿي پوي ۽ دل ڪڏهن به غافل نه ٿئي ۽ جيڪڏهن سالڪ ارادي سان هڪ گهڙي لاءِ به دل کي ذڪر کان الڳ ڪرڻ گهري ته نه ڪري سگهي؛ اها پختگي جي نشاني آهي جو زبردستي سان به دل غافل نٿي ٿئي. انهيءَ حالت کي ”قلبي فنا“ چوندا آهن. انهيءَ جو ٻيو نالو ”ياد داشت“ به آهي. قلبي فنا کان پوءِ الاهي امر مطابق سالڪ جو نالو اوليائن جي دفتر ۾ داخل ٿئي ٿو. انهيءَ بابت اسان جي ڏاڏي سائينءَ هيءَ رباعي چئي آهي:

جام توحيد از ڪف ساقيء وحدت نوش ڪن
سلڪ گوهر از پسِ لعل محمر پوش ڪن
شاخ مرجان را ستونِ سقفِ ياقوتي نما
حقهء نرگس ز برگِ نسترن سر پوش ڪن

حضرت شاهہ نقشبند (رحہ) جن فرمايو آهي تہ

لب ببند و چشم بند و گوش بند
گر نہ بيني نورِ حق بر ما بخند.

ترجمو: چپ بند ڪر، اکيون بند ڪر، ڪن بند ڪر؛ جيڪڏهن حق جو نور نہ پسين تہ اسان تي کلج.

هن بيت جي معنيٰ ۾ عجب اسرار لڪل آهن جن جي هتي سٽن ۾ گنجائش ڪانهي.

ان کان پوءِ روح جو لطيفو آهي جو ساڄي ٿڃ کان ٻہ آڱريون هيٺ آهي. سندس نور پيلو (زرد) آهي ۽ حضرت ابراهيم (عليہ السلام) جي قدم يعني رتبي هيٺان آهي. جيڪو سالڪ هن راهہ سان وصل الاهي پائي ٿو، ان کي ”ابراهيمي المشرب“ چوندا آهن. مٿي ڄاڻايل طريقي موجب سالڪ، ”اللہ اللہ“ روح جي لطيفي جي جاءِ تي ڌيان رکي خيال سان چوندو رهي، ايتريقدر جو الاهي عنايت سان، اهو پڪو ٿي پوي ۽ روح جي فنا حاصل ٿئي. ان کان پوءِ سِرّ جو لطيفو آهي جنهن جي جاءِ کٻي ٿڃ کان ٻہ آڱريون مٿي آهي. سندس نور جو رنگ سرخ يعني ڳاڙهو آهي ۽ حضرت موسيٰ (عليہ السلام) جي قدم هيٺان آهي. انهيءَ جڳهہ تي بہ ذڪر اڳئين وانگر ڪجي جو ملڪو ٿي پوي ۽ ”سر“ جي لطيفي جي فنا حاصل ٿئي. جيڪو سالڪ انهيءَ راهہ سان واصل ٿئي ٿو انهيءَ کي ”موسوي المشرب“ چوندا آهن. ان

ڪان پوءِ خفي جو لطيفو آهي جنهن جي جاءِ ساڄي ٿڃ جي مٿان پر آڱريون آهي. سندس نور جو رنگ ڪارو آهي ۽ حضرت عيسيٰ (عليه السلام) جي قدم هيٺان آهي. جيڪو سالڪ هن راهه سان واصل ٿئي ٿو ان کي ”عيسوي المشرب“ چوندا آهن. انهيءَ جڳهه تي مٿين طريقي موجب ذڪر ڪندو رهجي تان ته پڪو ٿي پوي ۽ خفي لطيفي جي فنا حاصل ٿئي. ان ڪان پوءِ ”اخفيٰ“ جو لطيفو آهي جنهن جي جڳهه سيني جو وچ ۽ سيني ڪان مٿي آهي ۽ حضرت رسول ڪريم محمد مصطفيٰ (صلي الله عليه و آله و سلم) جن جي قدم هيٺان آهي. جيڪو سالڪ انهيءَ راهه سان واصل ٿئي ٿو انهيءَ کي ”محمدي المشرب“ چوندا آهن. هن لطيفي جي هنڌ تي به اڳئين وانگر ذڪر ڪجي جيستائينڪ ملڪو ٿي پوي ۽ ان لطيفي جي فنا حاصل ٿئي. ان ڪان پوءِ هڪ تصور سان پنجن ئي لطيفن جي هنڌن تان ذڪر جاري ڪندو رهجي تان جو بدن جي هنڌ هنڌ مان ذڪر جاري ٿئي ۽ ٻڌڻ ۾ اچي. انهيءَ کي ”سلطان الاذڪار“ چوندا آهن.

انهيءَ ڪان پوءِ ”نفي اثبات“ جو ذڪر شروع ڪجي جنهن جي نوعيت هاڻي بيان ڪجي ٿي؛ اکيون بند ڪري، زبان تارونءَ سان ملائي، ساهه کي اندر نيڻي روڪجي ۽ ڪلمه طيب ”لااله الاالله“ کي دل جي اندر خيال سان اٺين ادا ڪري جو لفظ ”لا“ ناف يعني

جي عدد تي قناعت ڪري نہ بيهي بلڪہ وڌندو رهي ڌان جو تي سؤ ٽياسي (٣٨٣) تائين پهچي. ”ذالڪ فضل الله يوتيه من يشاء.“

هاڻي وري پهرئين سخن ڏانهن موٽون ٿا ۽ چئون ٿا تہ جڏهن حڏهن الاهي عنايت سان عالم امر جي پنجن ئي لطيفن جي فنا حاصل ٿئي ٿي، جيئن اڳيئي بيان ڪيو آهي، تڏهن هر لطيفي جي فنا سان گڏ ان جي بقا بہ حاصل ٿئي ٿي. انهن جي فنا ۽ بقا کان پوءِ خلقي لطيفن جي فنا ۽ بقا خودبخود حاصل ٿئي ٿي. خاص طرح سان ”نفي اثبات“ جي ذڪر سان نفس کي اطمينان حاصل ٿئي ٿو ۽ امارگي ڇڏي مطمئن ٿيو پوي (يعني سرڪشي ڇڏي الاهي احڪامن ۽ قضا قدر کي خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو.) ان وقت حقيقي ايمان حاصل ٿئي ٿو. آيت ڪريمہ ”يا ايها الذين آمنوا آمنوا“ ۾ ايڏانهن اشارو آهي. چائنج گهرجي تہ طالب سالڪ کي لطيفن جي فنا حاصل ڪرڻ تائين فرض، واجبن ۽ تاڪيدي سنتن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نفل ۽ تلاوت ڪرڻ نہ گهرجي ڇو تہ ان وقت اهو ذڪر ٻين نفلن وغيره کان وڌيڪ مفيد آهي. مگر فنا ۽ بقا کان پوءِ نفل ۽ تلاوت وڌيڪ مفيد آهن ۽ وڌيڪ ترقي ڏين ٿا.

چائنج گهرجي تہ ذڪر ڪندي جيڪڏهن ڪو شيطاني وسوسو يا خيال پيش اچي يا غالب ٿئي ۽ ذڪر کان

باز آئي ته پوءِ عين انهيءَ حالت ۾ مرشد جو ائين تصور ڪري جيئن ته منهنجي سامهون ويٺو مون کي توجهه ڏئي. انهيءَ کي صوفين جي اصطلاح ۾ ”رابطو“ چوندا آهن جنهن مان مڪمل فائدو حاصل ٿئي ٿو.

ان کان پوءِ جڏهن هدايت يافته طالب کي الاهي عنايت دستگيري ڪري ۽ ڪمال جي درجن ڏانهن عروج جو شوق عطا ڪري ته ڏهن مراقبن کي شروع ڪرڻو پوندو جن جو مرجع چار مراقبا آهن. ان کان پوءِ سلوڪ ”دائرن“ ۽ ”قوسن“ ۾ داخل ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ”صفات“ ۽ ”شيونات“ جي اظلال (پاڇن) ۾ داخل ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ترقي ٽن حقيقتن جهڙوڪ نماز جي حقيقت، روزي جي حقيقت ۽ ڪعبي جي حقيقت ۾ داخل ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ”تعين“ ۽ ”لاتعين“ جي مرتبن، ”ذاتي محبت“ ۽ ”محض عبوديت“ ۾ واقع ٿئي ٿو. اڃا اوڏانهن ترقي ٿئي ٿي جنهن جي نهايت ناهه ڪا. مگر انهن مقامن جو تفصيل ۽ انهن درجن جو بيان عام جي ادراڪ ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي؛ بلڪ گهڻو ڪري ناسمجهائيءَ سبب انڪار ڪندو. پر جڏهن الله تعاليٰ جي مدد سان طالب ڪوشش ڪندو ۽ ڏهن لطيفن جي فنا ۽ بقا حاصل ڪندو تڏهن الاهي عنايت ڪيس خود بخود منزل مقصود ڏانهن ڇڪي پهچائيندي. انهن جو اتم ۽ اڪمل تفصيل حضرت امام رباني قدس سره جن ۽ مخزن اسرار حضرت خواجه قيوم جهان قدس سره

جن جي مڪتوبات، رسالن ۽ سندن اوائلي خلفن جي رسالن ۾ آيل آهي؛ جيڪو چاهي اوڏانهن رجوع ڪري. ان شئت فارجع. جيڪڏهن توهان سندن مڪتوبات ڏانهن رجوع ڪرڻ چاهيو ته ڪين بيپايان بحر پائيندين.

چاڻ گهرجي ته ڏهه لطيفا ۽ مقامات ۽ نفي اثبات جو ڪشف اگرچ گهڻي وڏي شيءِ آهي ۽ هن زماني ۾ ٿورا انسان آهن جن کي اهو شرف حاصل آهي مگر مٿانهن مقامن جي مقابلي ۾ ائين آهن جيئن هڪ قطري جي نسبت محيط درياءَ سان آهي.

جي مرتبن، "ذاتي محبت" ۽ "محض "عبوديت" ۾ واقع ٿئي ٿو. ائين اوڏانهن ترقي ٿئي ٿي، جنهن جي نهايت ناهه ڪا. مگر انهن مقامن جو تفصيل ۽ انهن درجن جو بيان عام جي ادراڪ ۽ سمجهه کان ٻاهر آهي؛ بلڪ گهڻو ڪري، ناسمجهائيءَ سبب انڪار ڪندو. پر جڏهن الله تعالىٰ جي مدد سان طالب ڪوشش ڪندو ۽ ڏهن لطيفن جي فنا ۽ بقا حاصل ڪندو، تڏهن الاهي عنايت ڪيس خودبخود منزل مقصود ڏانهن ڇڪي پهچائيندي. انهن جو اتم ۽ اڪمل تفصيل حضرت امام رباني قدس سره' جن ۽ مخزن اسرار حضرت خواجه قيوم جهان قدس سره' جن جي مڪتوبات، رسالن ۽ سندن اوائلي خليفن جي رسالن ۾ آيل آهي؛ جيڪو چاهي اوڏانهن رجوع ڪري– ان شئت فارجع. جيڪڏهن تون سندن مڪتوبات ڏانهن رجوع ڪرڻ چاهين ته ڪين بيپايان بحر پائيندين.

چاڻ گهرجي ته ڏهه لطيفا ۽ مقامات ۽ نفي اثبات جو ڪشف اگرچ گهڻي وڏي شيءِ آهي ۽ هن زماني ۾ تورا انسان آهن جن کي اهو شرف حاصل آهي، مگر مٿانهن مقامن جي مقابلي ۾ ائين آهن جيئن هڪ قطري جي نسبت محيط درياهه سان آهي– بيت.

آسمان نسبت بعرش آمد فرود
ورنه بس عالي است پيش خاڪ تود

ترجمو: آسمان عرش جي ڀيٽ ۾ گهڻو هيٺ آهي
نه ته مٽيءَ جي پٽ کان تمام گهڻو مٿي آهي.

هن وقت زماني جي تقاضائن موجب ايترن لفظن تي اڪتفا ٿي ڪجي، باقي احوال، جيڪي تفصيل طلب آهن، تن کي وقت جي فرصت لاءِ ڇڏيو ويو آهي. خدايا، اسان جي ڀُلن ۽ خطائن سببان اسان تي ڪاوڙ نه ڪج (آمين). سلامتي انهيءَ تي آهي جنهن هدايت جي تابعداري ڪئي. وصلي الله تعاليٰ عليٰ سيدنا و مولانا محمّد و آلهٖ وسلم.

(هيءُ رسالو (اصل فارسيءَ ۾) ۹- تاريخ ماه ربيع الاول مولود شريف سنه ۱۳۶۱هه ۾ منجهند ڏاري تحرير هيٺ آيو، جنهن کي احمد علي پٽ مرحوم مغفور حاجي محمد ٻوٻڪائي تاريخ ۲۴- رمضان شريف سنه ۱۳۶۱هه ٺٽ سائينداد ۾ نقل ڪيو).

# شاهه جي رسالي مان موزون منتخب بيت

وحده' لاشريڪ له' اي هيڪڙائي حق
ٻيائي ڪي ٻڪ، جن وڌو سي ورسيا.

---

وحده' لاشريڪ له'، جان تو چئين ائين
تا مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن
پوءِ تون وڃئو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي؟

---

وحده' لاشريڪ له'، چئي چوندو آهه
فرض، واجب، سنتون، تنئون ترڪ مَ پاءِ
توبهه سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پڄاءِ
ننگا! پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهه سُنهاءِ
ته سندي دوزخ باهه، تو اوڏيائي نه اچي.

---

شريعت سي سڃاڻ، ڪر طريقت تڪيو
هينئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ
جي ثابوتي تو ساڻ، ته پسڻ ڪون پالهو رهين.

---

کوڙ ڪماءِ مَ ڪَڄُ، آٿي اور الله سين
کي تون دغا دل مان، صاحب وٺي سچ
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ
اِن پر آٿي اچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

—

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم
تيءَ تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم
تہ قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

—

وٺيو وڃج واٽ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين
لوٺي ڦير لپاٽ، لڳندءِ آت لطيف چئي.

—

پريان سندي پار جي، مڙيوئي ميڻائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي جيت ڪري.

—

جي ليلائي نہ لهين، تان ٻڻ ليلائيج
آسر مَ لاهيج، سڄڻ سڀاجها گهڻو.

—

هيڪر "هٿ" چئن، تہ اوڏي ٿين عجيب کي
"ما رايت شيئاً الا و رايت الله" اجها ايڏانهن اڏ
تہ هوت تونهين ڪان هڏ، پلڪ پاسي نہ ٿئي.

—

لاهوتي، لطيف چئي، سڏ نہ ڪٽن ساڻ
ايءَ آديسين اهڃاڻ، جيئن تعلق ڇڏيائون تڪيا.

—

# صلوا عليه و آله

روز ازل جي گفتگو، صلوا عليه و آله
پوشيده رخ کان روبرو، صلوا عليه و آله
خلاق اکبر کان مليو، جنهن کي لقب "لولاک" جو،
وجه وجود هاو هو، صلوا عليه و آله
عشق و محبت کي مليو، اعجاز جنهن جي ذات کان،
حسن ازل کي آبرو، صلوا عليه و آله
جن و بشر جي مدعا، بحر و بيابان جي طلب،
ارض و سما جي آرزو، صلوا عليه و آله
هر جس جو جوهر هجي يا پڻ هجي ان جو عرض،
هرهڪ کي جنهن جي جستجو، صلوا عليه و آله
جان جمال اولين، يا نغمه ساز الست،
هر زاويه کان هوبهو، صلوا عليه و آله
مرهون منت آهه جنهن ڪلمه کان "ذاکر" جي زبان،
محروم آ جنهن کان عدو، صلوا عليه و آله

— سردار علي شاه "ذاکر"